**ڊاڪٽر عبدالغفور بلوچ**
ڊپارٽمينٽ آف اسلامڪ اسٽڊيز
وفاقي اردو يونيورسٽي ڪراچي
**مولانا محمود حسن ڪڏي وارو**
پرنسپل مدرسہ مظھرالعلوم، کڏو ڪراچي

# انگريزي استعمار خلاف سنڌ جي عالمن جو هڪ لازوال ڪارنامو تحريڪ ريشمي رومال

# SINDHI SCHOLAR'S SILK LETTER MOVEMENT AGAINST BRITISH GOVERNMENT

**Abstract**

The silk letter movement occupies an important place among the freedom movements of the subcontinent. The movement was launched by Shaikh-ul-Hind Maulana Mahmood Hassan a pioneer of the freedom struggle, prisoner of Malta and trainer of thousands of freedom fighter stalwarts including Maulana Ubaidullah Sindhi, Maulana Muhammad Sadiq of Khadda Karachi and many more his disciples and followers. Sindh plays a wonderful and highly active historical role in this movement. In this article, authors had focuses on significant role of Sindh in the movement, played by our honorable freedom fighter religious leaders specially Maulana Muhammad Sadiq of Khadda Karachi, Maulana Ubaidullah Sindhi and Shaikh Muhammad Ibrahim etc. The important point of this article is that the Silk letter movement was not a religious fanaticism but was a freedom fighting movement in the true concept of the word. This movement was leaded by broad minded and enlightened religious scholars for Perspective of freedom of subcontinent.

سنڌ جي تاريخ جي اهم واقعات ۾ لازوال ڪارنامن مان هڪ وڏو ۽ اهم ڪارنامو "تحريڪ ريشمي رومال" بہ آهي.

سنڌ جيڪو هميشہ هڪ جدا ۽ الڳ ملڪ جي حيثيت رکندو آيو آهي، سو انگريزن جي سنڌ جي قبضي مڪمل ٿيڻ جي ڪجهہ سالن ڪانپوءِ هڪ صوبي بمبئي (موجوده ممبئي) جي ڪمشنري بڻائي ڇڏيو ويو. جنهن سنڌ جي ماڻهن ۾ خاص طور سنڌ جي عالمن تي اونهو اثر وڌو. استعماري طاقت کان آجپي لاءِ جيڪا جدوجهد شروع ٿي ان ۾ سنڌ جي عالمن بيحد اهم رول ادا ڪيو. مدرسي مظهرالعلوم

ڪڏي ڪراچي سنڌ جو قيام بہ هن جي هڪ ڪڙي آهي. مدرسہ مظهرالعلوم ڪڏو 1302هہ مطابق 1884ع ۾ مولانا محمد صادق ڪڏي واري جي والد مولانا عبدالله ميمڻ قائم ڪيو. هن جي قيام ۾ مولانا عبدالله سان گڏ مولوي محمد سليمان پنوي ۽ حاجي مهراڻ ۽ حاجي محمد حسين ميمڻ شريڪ هئا. [1]

هن مدرسي جي قيام کان 17 سال اڳ 1867ع ۾ يوپي جي ضلعي سهارنپور جي هڪ ننڍڙي شهر ديوبند ۾ مدرسي جو قيام عمل ۾ آيو جنهن جو مقصد انگريزي استعمار کان وطن کي آزاد ڪرائڻ لاءِ هڪ جماعت جو قائم ڪرڻ هو، جنهن جو اول ظهور 1878ع ۾ ”ثمرة التربيت“ يعني ”تعليم ۽ تربيت جو ميوو“ جي نالي سان ٿيو. [2]

مولانا محمد صادق ڪڏي وارو 1874ع – 1291هہ ۾ ڪڏي ڪراچي ۾ ڄاڻو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد مولانا عبدالله ۽ مولانا احمدالدين چڪوالي کان حاصل ڪيائين. وڌيڪ تعليم لاءِ دارالعلوم ديوبند ويو ۽ اتان 1895 ع ۾ تعليم مان فراغت حاصل ڪيائين. دارالعلوم ديوبند ۾ سندن وڏو استاد مولانا محمود حسن هو جنهن کي شيخ الهند جي لقب سان ياد ڪيو ٿو وڃي. 1878 ۾ ”ثمرة التربيت“ نالي جماعت بہ شيخ الهند مولانا محمود حسن پنهنجي ساٿين سان گڏجي ٺاهي هئي.

مولانا حسين احمد مدني ”نقش حيات“ ۾ لکي ٿو تہ ”مولانا محمد صادق ڪڏي وارو جوشيلو، رازدار ۽ مستقل مزاج ماڻهو هو. [3]

اهڙي طرح سائين جي ايم سيد ”جنب گذاريم جن سين“ ۾ لکيو آهي تہ: ”هن جي مستقل مزاجي، علمي صلاحيت، ذهني لياقت، حق گوئي ۽ بي ريائي جو سندس استاد شيخ الهند تي خاص اثر ويهي ويو.“ [4]

شيخ الهند مولانا محمود حسن کي هن ڳالهہ جو اندازو هو تہ سندس شاگردن ۾ سنڌ مان بہ خاص شاگرد اهڙا آهن جيڪي وطن جي آزادي لاءِ ڪم ڪرڻ جي اعلىٰ صلاحيت ۽ استعداد رکن ٿا ۽ سرزمين سنڌ اها ڌرتي آهي جتان استعماري طاقت کان وطن جي آزادي جي جدوجهد جي ابتدا ٿي سگهي ٿي. تنهن ڪري هو ڪين وقتا فوقتا نہ فقط پاڻ وٽ گهرائيندا هئا بلڪ پاڻ بہ سنڌ جو دورو ڪيائون. اهي بہ خاص شاگرد (1) مولانا محمد صادق سنڌي (2) مولانا عبيدالله سنڌي هئا. مولانا عبيدالله سنڌي پنهنجي ڪتاب ”التمهيد لتعريف ائمة التجديد“ ۾ لکي ٿو:

”ولما جاء شيخنا الي دارالرشاد اجتمع ڪثير من الشيوخ الراشدية لملاقاتہ فرجع الشيخ راضيا عنهم و شرعنا في تنظيم علماء السند في جمعية السواد الاعظم وسعيٰ في ذلڪ الشيخ محمد صادق سعيا بيلغا“

**ترجمو:** ”۽ جڏهن اسان جو استاد (شيخ الهند مولانا محمود حسن) دارالرشاد (پير جهنڊي) آيو تہ سندن ملاقات لاءِ راشديہ سلسلي جا گهڻائي بزرگ جمع ٿيا، پوءِ استاد انهن کان راضي ٿي موٽيو ۽ اسان انجمن السواد الاعظم ۾ سنڌ جي علماء کي

منظم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ان معاملي ۾ مولانا محمد صادق تمام گھڻي جاکوڙ ڪئي.[5]

اها انجمن بظاهر هڪ فقهي مجلس جي انداز ۾ بلاتفريق مسلڪ قائم ڪئي ويئي هئي پر جيئن تہ مولانا عبيدالله سنڌي جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو تہ در حقيقت ان مان مقصد سنڌ جي عالمن کي هڪ پليٽ فارم تي جمع ڪرڻو هو ۽ اها انجمن ۽ جمعيت دراصل هن تحريڪ ريشمي رومال جي پيڙهہ جو پٿر هو.

هن انجمن جو سربراهہ مدرسي مظهرالعلوم کڏي جو باني مولانا عبدالله هو. هن انجمن جا رڪن هن ريت هئا.

1) صدر مفتي مولانا عبدالله، باني مدرسہ مظهرالعلوم کڏو.
2) مولانا ابوالڪرم عبدالڪريم درس (مولانا عبدالله کڏي واري جو شاگرد هو).
3) مولانا محمد صادق کڏي وارو.
4) مولانا عثمان نورنگ زاده معلم فقہ، مدرس "سنڌ مدرسة الاسلام" ڪراچي.
5) مولانا محمد عثمان لاسي
6) مولانا عبدالحق هالائي
7) مولانا عبدالڪريم افغان
8) مولانا محمد صالح
9) مولانا احمد بخاري (سونڊين وارو)
10) مولانا محمد صديق
11) مولانا محمد.[6] ( هي 1907 جو واقعو آهي.)

ٻئي مرحلي ۾ سموري هندستان جي عالمن کي گڏ ڪرڻ جي ضرورت هئي جنهن لاءِ بہ مولانا شيخ الهند محمود حسن کي اهي ساڳيا بہ سنڌي عالم نظر اچن ٿا. يعني مولانا محمد صادق ۽ مولانا عبيدالله سنڌي.

مولانا عبدالله لغاري "*مولانا عبیداللہ سندھی کی سرگذشت کابل*" ۾ لکي ٿو تہ "*مولانا شیخ الہند نے خطوط لکھ کر مولانا عبیداللہ سندھی کو سندھ سے بلایا اور مولانا محمد صادق کراچی والے کو بھی بلایا*".[7]

مولانا شيخ الهند، مولانا عبيدالله سنڌي کي ديوبند ۾ رهي ڪم ڪرڻ جو حڪم ڪيو ۽ ان حڪم جي تحت "جمعيت الانصار" جو قيام عمل ۾ آيو.

مولانا سنڌي جي مطابق هن جمعيت جي بنياد وجهڻ ۾ "مولانا محمد صادق صاحب سنڌي، مولانا ابو محمد احمد لاهوري ۽ مولوي احمد علي مون سان شريڪ هئا".[8]

"جمعيت الانصار" جي قيام جو مقصد سموري هندستان جي عالمن کي گڏ ڪرڻ هو. هن جمعيت جو قيام آڪٽوبر 1909 ۾ ٿيو.

پهرين مهاڀاري لڙائي شروع ٿيڻ جي موقعي تي هن تحريڪ جي ڪم ۾ تيزي آئي جيڪا اڳتي هلي "تحريڪ ريشمي رومال" جي نالي سان مشهور ٿي. هن

تحريڪ جا سموري هندستان ۾ مرڪز قائم ڪيا ويا، جنهن مان سنڌ ۾ هيٺيان مرڪز هئا. (1) امروٽ. (2) ڪڏو ڪراچي. [9]

ڪڏي ڪراچي واري مرڪز تحت سمورو لاڙ وارو حصو، لس ٻيلو، قلات ۽ ان جي آس پاس جي بلوچستان جو علائقو شامل هو.

هندستان کان ٻاهر جيڪي مشن موڪليا ويا، تن مان مولانا عبيدالله سنڌي کي ڪابل افغانستان، مولانا برڪت الله ڀوپالي کي جاپان، [10] ۽ پاڻ مولانا شيخ الهند حجاز روانا ٿيا.

ڪابل يا حجاز ويندڙ مشنز بابت اها غلطي فهمي هتان جي ڪن دانشورن کي به آهي ته ويندي مولانا عبيدالله سنڌي جي شاگرد پروفيسر محمد سرور کي به رهي آهي ته اها خاص طور ديني عالمن جي ان سوچ جو عملي مظاهرو هو جنهن کي ”پان اسلامزم“ جو نالو ڏنو وڃي ٿو. [11]

پر انهن بزرگن جي اها راءِ درست ڪانهي. بلڪ اها تحريڪ غير فرقہ وارانہ هئي ۽ ان تحريڪ ۾ مسلمانن سان گڏ غير مسلم ۽ ديني عالمن سان گڏ جديد تعليم يافتہ نوجوان بہ شامل هئا. هن ڳالهہ جي ثبوت ۾ اسان هيٺيان دليل پيش ڪري سگهون ٿا.

مولانا عبيدالله سنڌي جي ڪابل وڃڻ کان پهرين ڪابل ۾ مولانا سنڌي جي ڪم لاءِ راهہ هموار ڪرڻ واسطي ڪابل جي حبيبيہ ڪاليج ۾ شيخ محمد ابراهيم ملازمت لاءِ موڪليو ويو هو، جنهن ڪابل جي اونچي حڪمران طبقي ۾ اثر و رسوخ حاصل ڪري ورتو هو ۽ جڏهن مولانا عبيدالله سنڌي ڪابل پهتو تہ کين ڪابل ۾ حڪمران طبقي ۾ متعارف ٿيڻ لاءِ ڪا ڏکيائي پيش نہ آئي.

شيخ محمد ابراهيم سنڌي، مولانا محمد صادق ڪڏي وارو جو ماروٽ هو ۽ اقتصاديات ۾ ايم اي هو هن پونا ۽ بمبئي مان تعليم حاصل ڪئي هئي.

انگريزن جي ريشمي خطن جي رپورٽ جي ڊائريڪٽري ۾ هن بابت لکيل آهي: ”ابراهيم شيخ آف سنڌ، محمد صادق جو ڀائيٽو (پاڻ مولانا محمد صادق جو ڀائيٽو نہ بلڪ مامي جو پٽ هو:مقالہ نگار) جيڪو ڪڏي ڪراچي جو مشهور متعصب مولوي (هاڻ نظر بند آهي) ۽ عبيدالله جو دوست آهي. شيخ محمد ابراهيم ايم اي، پونہ مان تعليم حاصل ڪئي آهي. فيبروري 1915 ۾ کيس حبيبہ ڪاليج ڪابل ۾ پروفيسر جي جاءِ ملي ويئي جتي هو برطانيا جو ڪٽر مخالف بڻجي ويو. هو ڪابل جو هڪ وڏو انقلابي آهي. ايم عبيدالله، محمد علي بي اي قصوري، راجہ مهندر پرتاب، برڪت الله وغيره سان گڏ سازشن ڪرڻ ۽ منصوبن جوڙڻ ۾ هن وڏو نمايان حصو ورتو هو... ...“ [12]

مولانا سنڌي لکي ٿو تہ ”خاص مشورن ۾ فقط شيخ محمد ابراهيم تي اسان

جو پرو سو هو. [13]

مولانا سنڌي، افغانستان جي حڪمران امير حبيب الله سان ملاقات ۾ پيش ڪرڻ لاءِ جيڪا تحرير پنهنجي مقصد سفر بابت لکي هئي اها شيخ ابراهيم کي ڏيکاري جنهن جي مفيد مشورن سان هن تحرير کي فقط هندستاني مسلمانن جي بجاء سموري هندستان جي تجويز جو رنگ ملي ويو. [14]

مولانا سنڌي لکيو آهي ته:

*”مجھے یہاں اس امر کے صراحتاً اعتراف کرنے کی ضرورت ہے کہ اگر شیخ محمد ابراہیم کا صحیح مشورہ مجھے نہ ملتا تو میری بات اس قدر مؤثر نہ ہوتی۔“* [15]

مولانا عبيدالله سنڌي جي ڪابل وڃڻ کان پهرين جڏهن دهلي ۾ ”نظارة المعارف“ قائم ڪئي ويئي اتي جن سان اشتراڪ عمل پيدا ڪيو ويو تن ۾ حڪيم اجمل خان، نواب وقار الملڪ، ڊاڪٽر انصاري، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا محمد علي جوهر شامل هئا. [16]

مولانا حسين احمد مدني لکي ٿو ته: *”حضرت شیخ الہند نے ایک مستقل مکان اپنے مکان کے قریب کرایہ پر لے رکھا تھا جس کو کوٹھی کے نام سے مشہور کیا جاتا تھا اس میں حضرت کے غیر مسلم ہم خیال دوست، رفقاء انقلاب ٹھرا کرتے تھے۔ ان کو نہایت رازداری کے ساتھ خدام خاص ٹھرا دیتے تھے اور ان کے کھانے پینے کے انتظامات کرتے تھے۔ اکثر تنہائی کے اوقات یارات کو ان سے حضرت شیخ الہند کی باتیں ہوتی تھیں۔ یہ لوگ، سکھ یا بنگالی ہندو انقلابی ہوتے تھے۔*[17]

ڪابل ۾ جيڪا عارضي هندستاني گورنمينٽ قائم ڪئي ويئي، ان جو صدر راجه مهندر پرتاب، وزيراعظم مولانا برڪت الله ڀوپالي ۽ وزير داخله مولانا عبيدالله سنڌي هو. هن جي ٻين اراڪين ۾ مسلم ۽ غير مسلم ٻئي شريڪ هئا. [18]

هوڏانهن ملڪ جي اندر ڪراچي مرڪز جي ذمي هڪ اهم ڪم سپرد ڪيو ويو هو جنهن جو مختصر لفظن ۾ تفصيل بيان ڪجي ته ڪجهه هن ريت ٿيندو:

1914 ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي شروع ٿي، جنهن ۾ جرمني ۽ ترڪي هڪڙي پاسي هئا ته انهن جي مقابلي ۾ برطانيه، آمريڪا، فرانس ۽ روس هئا. برطانيه ترڪي سلطنت جي ماتحت عرب ملڪن تي حملو ڪيو ۽ هندستان جي فوج گڏ ڪري پوءِ عراق تي حملو ڪيو. برطانيه جو پلان هو ته هندستاني فوج موڪلي پهرين بصري تي قبضو ڪيو وڃي، جيئن ايران مان نڪرندڙ تيل جي پائپ لائن محفوظ رهي ۽ پوءِ بغداد ڏانهن پيش قدمي ڪئي وڃي.

1915ع ۾ برطانيه جي فوجن جو نئون ڪمانڊر جنرل ٽاؤنشينڊ مقرر ٿيو. سيپٽمبر 1915ء ۾ مدائن جي ويجهو ترڪن ۽ انگريزن وچ ۾ شديد مقابلو ٿيو، تان جو نومبر 1915ء ۾ انگريز شڪست کائي پوئتي هٽيا ۽ ڊسمبر 1915ء ۾ جنرل ٽاؤنشنڊ ”ڪوت العمارة“ پهچي ويو ۽ اتي ترڪي فوجن جي گهيري ۾ محصور ٿيو. [19]

جنرل ٽائونشينڊ جي فوجي قوت ڪيئن ڪمزور ٿي ۽ هو ڪيئن محاصري ۾ آيو؟

مولانا حسين احمد مدني لکيو آهي ته :"هر هفتي ڪراچي مان هندستاني فوج جا سپاهي، هٿيار ۽ راشن ويندو هو جنهن جي ڪري جنرل ٽائونشينڊ عراق ۾ پيش قدمي ڪري رهيو هو. مولانا محمد صادق جي هدايت تي سردار نورالدين مينگل ۽ سندس قبيلي وارن، انگريزن خلاف مسلح تحريڪ جو آغاز ڪيو. ائين بلوچستان ۽ لسٻيلي ۾ تحريڪ جي ڪري اها فوجي امداد جيڪا بصري ويندي هئي هن تحريڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ لاٿي ويئي ۽ اهو سلسلو ڪافي وقت تائين هليو. ان سبب جنرل ٽائونشينڊ کي راشن ۽ مدد پهچڻ بند ٿي ويئي. ۽ ائين هو فوج سميت "ڪوت العمارة" ۾ محصور ٿي ويو." [20]

مولانا عبدالله لغاري جي بيان سان مزيد معلومات ملي ٿي ته "مولانا محمد صادق جي والد مولانا عبدالله مرحوم جي شاگرد مولانا خير محمد به ان وقت انگريزن خلاف تحريڪ شروع ڪئي هئي ۽ هن چابهار (ايراني بلوچستان جي بندرگاهه) وٽ انگريزي فوج کي شڪست ڏيئي محصور ڪري ورتو هو ان لاءِ هندستان مان فوجي مدد عراق پهچڻ بند ٿي ويئي." [21]

جنرل ٽائونشنڊ جا 17 هزار فوجي هن گهيري ۾ مارجي ويا ۽ هو پاڻ 13 هزار فوجين سان هٿيار ڦٽا ڪري گرفتار ٿيو. [22]

جيڪي خط مولانا عبيدالله سنڌي هيڊي رنگ جي ريشمي ڪپڙي تي لکي شيخ عبدالرحيم سنڌي ڏي موڪليا هئا اهي جنهن جي هٿان موڪليا ويا ان جي ناسمجهي جي ڪري پڪڙجي پيا. حجاز ۾ شريف مڪ جي ترڪن سان غداري جي ڪري، شيخ الهند مولانا محمود حسن، مولانا حسين احمد مدني جي گرفتاري عمل ۾ آئي، ڪابل جي حبيبيه ڪاليج مان شيخ ابراهيم سنڌي ۽ محمد علي قصوري جو اخراج عمل ۾ آيو.

هتي ڪراچي ۾ مولانا محمد صادق کي مينگل قبيلي جي ڪن غدارن جي مخبري تي گرفتار ڪيو ويو. هي عجيب اتفاق آهي ته جنهن ڏينهن جنرل ٽائونشنڊ هٿيار ڦٽا ڪري گرفتار ٿيو انهيءَ ڏينهن يعني 29 اپريل 1916ع تي مولانا محمد صادق کڏي واري جي گرفتاري جا آرڊر جاري ٿيا. هي آرڊر انگريزي سان گڏ سنڌي زبان ۾ به آهن. هي آرڊر اڄ به محفوظ آهن.

هڪ اهم ڳالهه جيڪا هن گرفتاري جي آرڊرن مان معلوم ٿئي ٿي ته ان دور ۾ باوجود جو سنڌ کي بمبئي صوبي جي ماتحت ڪري چيف ڪمشنري جي حيثيت ڏنل هئي تنهن هوندي به سنڌي زبان کي دفتري ٻولي جي حيثيت حاصل هئي جو سرڪاري آرڊر انگريزي سان گڏ سنڌي زبان ۾ به جاري ٿيندا هئا.

هن سموري تحريڪ ريشمي رومال جا مکيہ مقصد هن ريت هئا.

ملڪ جي اندر هندو مسلم اتحاد پيدا ڪري ہنهي کي هڪ پليٽ فارم تي جمع ڪري انگريزن خلاف بغاوت تي آماده ڪرڻ ۽ انگريزن جي ”ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“ ۽ مذهبي نفرت ڦهلائڻ واري پاليسي کي ناڪام بنائڻ.

قديم طرز جي تعليم يافتہ علماء ۽ جديد طرز تعليم جي فارغ التحصيل طبقي کي گڏي انهن ۾ ذهني هم آهنگي پيدا ڪرڻ ۽ کين گڏيل نصب العين تي متفق ڪري انگريزن جي خلاف جدوجهد ڪرڻ.

بين الاقوامي دنيا کي پنهنجو هم آواز بنائڻ ۽ برطانوي استعماري حڪومت جي خارجہ پاليسي کي ناڪام بڻائڻ. ۽ ان مقصد لاء سرحدن تي بيروني ملڪن ذريعي دٻاءُ وجهرائڻ ان غرض لاءِ افغانستان ترڪي، روس ۽ ٻين ملڪن کان تعاون حاصل ڪرڻ. ملڪ جي اندر برطانوي استعماريت کان آزادي چاهيندڙ عوام جا حوصلا بلند ڪرڻ.

**مثبت نتيجا:** هن تحريڪ سان ڪيترائي داخلي ۽ خارجي مثبت نتيجا نڪتا جن جو تفصيل هن مختصر مقالي ۾ پيش نٿو ڪري سگهجي. البتہ ايترو اشارو ڪافي آهي تہ هن تحريڪ جي نتيجي ۾ هڪ طرف مذهبي نفرت واري سياست سان مهاڏو اٽڪائڻ وارا ماڻهو نڪري نروار ٿي آيا ۽ آزادي واري تحريڪ ۾ هڪ نئون جوش پيدا ٿيو. خلافت تحريڪ، سنڌ جي بمبئي کان آزادي واري تحريڪ بہ هن تحريڪ جو تسلسل آهن ۽ اهو تسلسل ئي آزادي واري تحريڪ کي توانائي فراهم ڪندو رهيو. تہ ٻئي طرف سنڌ جي ماڻهن پنهنجي سياسي تدبر ۽ علمي صلاحيتن کي بين الاقوامي سطح تي تسليم ڪرايو. سياسي سطح تي ان جو هڪ ننڍڙو مثال اهو ڏئي سگهجي ٿو تہ مولانا عبيدالله سنڌي ۽ روسي وزير خارجہ مسٽر چيچرن جون پاڻ ۾ چار ملاقاتون ٿيون ۽ ان جي نتيجي ۾ روسي حڪومت پاران هندستان جي آزادي واري حق ۽ مطالبي کي تسليم ڪيو ويو. هن تحريڪ جي نتيجي ۾ انگريزن کي افغانستان جي آزادي کي تسليم ڪرڻو پيو ۽ جديد ترڪي کي تسليم ڪرائڻ ۾ بہ هن تحريڪ جو هڪ ڪردار رهيو.

علمي سطح تي بہ سنڌي عالمن جي انهن رابطن سنڌ جي تاريخي علمي ڪردار جي ياد تازه ڪري ڇڏي. ان جو هڪ مثال علامہ موسيٰ جارالله آهي جنهن مولانا عبيدالله سنڌي کان جلاوطني واري دور ۾ تعليم حاصل ڪري وسطي ايشيا ۽ ترڪي ۾ اسلامي رواداري واري تحريڪ جا بنياد مضبوط ڪيا، جنهن جا اثر وسطي ايشيا، روس ۽ ترڪي ۾ هن وقت بہ محسوس ڪري سگهجن ٿا.

خلاصو هي تہ:

1- انگريزن جي استعماري قوت خلاف هندستان جي ماڻهن جي جدوجهد ۾

سنڌ جي علماء ۽ جديد تعليم يافتہ ماڻهن جو تمام وڏو حصو آهي جيڪو نظرن کان اوجهل آهي.

2- اها تحريڪ غير فرقہ وارانہ، قومي ۽ بين الاقوامي حيثيت جي حامل هئي. هن تحريڪ جي اڳواڻي ڪندڙ قومي ۽ بين الاقوامي معاملن ۾ هڪ خاص بصيرت رکندڙ هئا. ناسمجهہ تحريڪ جي ظاهري ناڪامي سان ڪين بي بصيرت ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

3- ان تحريڪ بابت ظاهر ٿيل دستاويزن مان ان دور ۾ سنڌي زبان کي سرڪاري طور حاصل ٿيل اهميت تي بہ روشني پوي ٿي.

هي هڪ عجيب اتفاق آهي تہ تحريڪ ريشمي رومال کي هڪ پوري صدي گذري چڪي آهي ۽ تازو ئي پاڙيسري ملڪ هندستان ۾ ان تحريڪ جي تاريخي اهميت کي تسليم ڪندي حڪومت پاران "تحريڪ ريشمي رومال" جي نالي تي يادگار ڊاڪ ٽڪيٽ جاري ڪئي وئي آهي. حڪومت پاڪستان ۽ خصوصا حڪومت سنڌ کان بہ اها اميد ڪئي وڃي ٿي تہ هن تحريڪ ۾ حصو وٺندڙ آزادي جي سپاهين جي مان وڌائڻ لاءِ مناسب قدم کنيا ويندا.

هن تحريڪ جي مختلف پاسن- جن ڏانهن اسان مختصر اشارو ڪري آيا آهيون- هن تحريڪ تي تحقيقي مقالا لکي سگهجن ٿا. Ph.D بہ ٿي سگهي ٿي هن ڏس ۾ تحقيقاتي ادارن ۽ يونيورسٽين کي اڳڀرائي ڪرڻ گهرجي.

آخر ۾ اها ڳالهہ تہ سنڌ جي مٽي ۾، سنڌي ماڻهن جي خمير ۾ الله تعاليٰ طرفان محبت ۽ رواداري ۽ رحم رکيل آهي، جيڪا انبياء جي تعليم خصوصاً نبي آخرالزمان صلي الله عليہ وسلم جي تعليم جو بنياد آهي. الله تعاليٰ رب العالمين آهي. يعني سموري جهانن سموري انسانن، سموري قومن جو رب ۽ نبي آخرالزمان صلي الله عليہ وسلم کي رحمة للعالمين سموري جهانن سموري انسانن لاءِ رحمت بڻائي موڪليو آهي. انهي تعليم کي سنڌ جي ماڻهن پنهنجو مقصد حيات بڻايو آهي. شاه عبداللطيف ڀٽائي ان پيغام جي روشني ۾ سنڌ جي ماڻهن جي نمائندگي ڪندي سنڌ ۽ سموري دنيا لاءِ ڀلائي جي دعا ٿو ڪري، جيڪا دعا اسين بہ گهرون ٿا.

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سُڪار
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين

حوالا:


1. روئداد مدرسہ مظهرالعلوم کڏو ڪراچي بابت سال 1928-1930
2. علماء حق مولانا محمد ميان ج 1 ص 112
3. نقش حيات مولانا حسين احمد مدني ج 2 ص 197

4. جنب گذاريم جن سين= جي ايم سيد ج 1 ص 235
5. التمهيد لتعريف ائمة التجديد= مولانا عبيدالله سنڌي ص 24
6. مدرسو مظهرالعلوم کڏو ڪراچي (هڪ صدي جي تاريخ جو مختصر خاڪو) حافظ محمد اسماعيل. ماهوار الصادق ج 4 ش 7-8 ص 47)
7. مولانا عبيدالله کي سرگذشت ڪابل. مولانا عبدالله لغاري ص 75
8. خود نوشت حالات زندگي- مولانا عبيدالله سنڌي ص 104
9. علماء حق، مولانا محمد ميان ج 1 ص 135
10. نقش حيات مولانا حسين احمد مدني ج ص 144
11. نقش حيات، مولانا حسين احمد مدني ج 2 ص 208
12. جہاں گشت انقلابی برکت اللہ بھوپالی ص 196 ایم عرفان مطبوعہ بھوپال 1969 بحوالہ نقیب انقلاب مولانا برکت اللہ بھوپالی۔ شفقت رضوی ص 88 پاکستان اسٹڈی سینٹر جامعہ کراچی 2007ء
13. مقدمو کابل میں سات سال. مولانا سندھی، ص 40
14. ریشمی خطوط سازش کیس اور کون کیا تھا؟ مرتب مولانا محمد میاں ص 386
15. کابل میں سات سال. مولانا سندھی، ص 65
16. کابل میں سات سال. مولانا سندھی، ص 40= خاطرات: ظفر حسن ایبک
17. کابل میں سات سال مولانا سندھی، ص 41
18. خود نوشت سوانح مولانا سندھی ص 104-105
19. نقش حیات مولانا مدنی ج 2، ص 207
20. کابل میں سات سال مولانا سندھی، ص 57
21. =نقیب انقلاب مولانا برکت اللہ- شفقت رضوی ص 176
22. الثورة العربية الكبرىٰ ج 2 ق 2 ص 4، 6
23. نقش حیات مولانا مدنی ج 2 ص 197
24. مولانا عبیداللہ سندھی کی سرگذشت کابل ص 148-147
25. نقش حیات. مولانا مدنی ج 2 ص 197

## مددي ڪتاب ۽ رسالا:

1. علماء حق=مولانا محمد میاں۔ مرادآباد، یوپی، انڈیا۔ 1946
2. نقش حیات=مولانا حسین احمد مدنی۔ دہلی انڈیا 1954
3. کابل میں سات سال. مولانا عبیداللہ سندھی. لاہور 1955
4. مولانا عبیداللہ سندھی کی سرگذشت کابل- مولانا عبداللہ لغاری. اسلام آباد 1980
5. خود نوشت سوانح حیات- مولانا عبیداللہ سندھی- لاہور 1955
6. ریشمی خطوط سازش کیس اور کون کیا تھا؟ مرتب مولانا محمد میاں- لاہور- 1975
7. نقیب انقلاب مولانا برکت اللہ بھوپالی- شفقت رضوی، جامعہ کراچی 2007
8. خاطرات (آپ بیتی) ظفر حسن ایبک- لاہور 1990
9. جنب گذاريم جن سين- جي ايم سيد، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، سنڌ 1967
10. التمهيد لتعريف ائمة التجديد- مولانا عبيدالله سندھی. لجنة احياء الادب السندی جام شورو. 1976
11. الثورة العربية الكبرىٰ. امين سعيد. مصر
12. روئداد مدرسہ مظهرالعلوم کڏو ڪراچي، سنڌ
13. ماهوار الصادق ڪراچي سنڌ.